# پنوتري


| صفحو | آکاڻي | نمبر |
|---|---|---|
| ١ | ڪانءُ، ڪڇون ۽ هرڻ | ١. |
| ٢ | شينهن، مسافر ۽ سونو ڪنگڻ | ٢. |
| ١٣ | گدڙ، هرڻ ۽ ڪانءُ | ٣. |
| ١٤ | ڳجهه، ٻلي ۽ ٻيا پکي | ٤. |
| ٣٢ | لوڀي گدڙ ۽ ڪمان جو زهُ | ٥. |
| ٣٦ | هاٿي ۽ گدڙ | ٦. |

## باب ٻيو

| صفحو | آکاڻي | نمبر |
|---|---|---|
| ٤١ | ٻه ڍڳا، ٻه گدڙ ۽ هڪڙو شينهن | ٧. |
| ٤٥ | ٻولڙو ۽ ڪارائي | ٨. |
| ٤٦ | گڏهه، ڪتو ۽ ڪتي | ٩. |
| ٥٩ | پوڙهي زال، راڄ ڪنور ۽ واپاريءَ جو پٽ | ١٠. |
| ٦٧ | سيتا، رام ۽ رام جون پيئرون | ١١. |
| ٦٩ | ڪانءُ ۽ نانگ | ١٢. |
| ٧١ | سهو ۽ شينهن | ١٣. |
| ٧٧ | استاد ۽ شاگرد | ١٤. |

## باب ٽيون

| صفحو | آکاڻي | نمبر |
|---|---|---|
| ٨٤ | قاز، ٻگهه ۽ ڪانڪٽو | ١٥. |
| ٨٧ | ٻڪي ۽ هڪڙو بالدر | ١٦. |

١٧. گڏهه، هرڻ ۽ هاري ٨٨
١٨. هنس، ڪانءُ ۽ واڳهڙو ٩٨
١٩. صوفي، ڪمينو ۽ ڏوڏيالي ١٠٠
٢٠. راءِ مدن پال، سندس وزير ۽ چار چاري ١١١
٢١. بيربل لوڪر، ۽ سندس ڌيءِ ١٢٤
٢٢. پٽ ۽ پاڙي وارا پاڻيٺ ١٣٤

## باب چوٿون

٢٣. تاز ۽ ڪانڪتو، بادشاهه ۽ سندس وزير ١٤٩
٢٤. ٻه تاز ۽ هڪڙو ڪچوڻ ١٥٠
٢٥. ٻڪهه، لور ۽ نانگ ١٥١
٢٦. ٻڍو جوڳي ۽ ڪتو ١٥٤
٢٧. ٻڪهه ۽ ڪينڪر ١٥٦
٢٨. مزور ۽ ڪهه جو ڏيلو ١٥٩
٢٩. هڪڙو ملتالي، سندس ٻڪري ۽ چار لونيا ١٦١
٣٠. نانگ ۽ ڏيڏر ١٦٣
٣١. برهمڻ، سندس پار ۽ لور ١٦٧

## فهمائشون

(١) بادشاھ کي ٻين ماڻھن جي چوڻ تي لڳي، پنھنجن گھرو اوکرن چاڪرن کي ڪڏھن بہ ڪيڏي ڦيٿو ڪرڻ نہ گھرجي، ڇاڪاڻ تہ جيڪو بادشاھن وٽ حاضر رھندو آھي، تنھن کي انسھندڙن ۽ حاسدن جي ڪمي ڪانھي. جڏھن ھو ڏسندا آھن، تہ بادشاھ جو مٿس پيار آھي؛ تڏھن جي تي سکھندو اٿن، تہ ھزارين ھديون ڏاھي بہ ھن کي ڏٽيءَ وٽ بيچڙي ڪرڻ ڪان ڪين رھندا آھن.

(٢) بادشاھن کي گھرجي، تہ خوشامندڙين ۽ گلاخورن کي ٻاڻ وٽ ويھڻ بہ نہ ڏين؛ ڇاڪاڻ تہ ھي ماڻھو سدائين ڦيٽاڙي وجھڻ جا وجھ ڳوليندا آھن. اھڙا ماڻھو اِسالي سيا لاءِ آزار تي ٻون، تنھن کان بھتر آھي تہ ھنن کي ھن ٻرٿويءَ تان تڙي ڪيجي.

(٣) بادشاھ کي گھرجي تہ جيترو ٿي سگھي، اوترو پنھنجن وزيرن ۽ اميرن کي ھڪ ٻين سان سلوڪ ۾ رکي؛ انھيءَ مطلب لاءِ، تہ ھو ٻاڻ ۾ ھڪ مٺ تي، راڄ جي ڀلي ۽ خير لاءِ پورھيو ڪن.

(٤) پنھنجن دشمن جي تابعداريءَ تي بادشاھ کي گھرجي، تہ ڪڏھين بہ ڀروسو نہ رکي. ھو جيترو گھڻو ٻاھَ ڏيکاريندا ۽ خدمتگاريءَ جون ڍِگھيون ٻاسون ٻاسيندا، اوترو ٿي کيڏ ٻازين ۽ حرفتن جو منجھانِ ڊپ رکڻ گھرجي. ويريءَ جي ٻريت تي ڪو ڀروسو ڪونھي. ھو جڏھن ٻريتِ والگيان

ڪيائونس، جو اها نہ جاءِ مليس، جتي ڪري منهن لڪائي. سياڻن چيو آهي، تہ جيڪڏهن ڏهن ماڻهن تي ڪا آفت اچي ڪڙڪي، تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي انهن مان اڳرو ٿيڻ نہ گهرجي ڇو تہ، جي اها آفت ٽري ويئي، تہ هرڪو چوندو تہ آءٌ بہ انهيءَ جي ٽارڻ ۾ همراه هوس، پر جي نہ ٽري، تہ سڀيئي اُن هڪڙي تي ڪي پيا مهڻن سان ساڙيندا.

ڇتر ڳريو تڏهين چيو، اي يارو! ڏوھ ڪنهن کي ڇو ٿا ڏيو؟ "بندي جي من ۾ هڪڙي، صاحب جي من ۾ ٻي." ڏوھ ڪنهن جو بہ ڪونهي، جيڪا ٿيڻي هئي سا ٿي. ڪڏهن چڱي ڪم منجهان بہ بڇڙو نتيجو نڪرندو آهي، جيئن تہ، ماءُ پيءُ ڪان وڌيڪ سڄڻ پنهنجي اولاد جو ڪو بہ ڪونهي، پر بعضي اهڙي مهل ٿيندي آهي، جو اهي بہ ٿري پنهنجي اولاد جا ويري ٿي بيهندا آهن، تنهنڪري اي دوستو! هٿل نہ مچايو، پر اهڙو ڪو گهاٽ گهڙيو، جنهنڪري سڀني جو ڇوٽڪارو ٿئي. جيڪڏهين ڪنهن تي ڪا اوچتي آفت اچي پوندي آهي، پوءِ جي هو ڏک ڪندو آهي تہ ان کي مرد ڪين ڪوٺبو آهي. مرد اهو آهي، جنهن کي جيڪڏهن ڪا بہ مشڪلات اچي پوي، تہ دلجاءِ سان ان جي ٽارڻ لاءِ تجويز ڪري.

سياڻن جو چيو آهي، تہ ماڻهوءَ ۾ هي ڇهہ ڳالهيون ضرور هئڻ گهرجن: (١) جيڪڏهين اوچتيءَ آوھ ۾ اچي،

ته وائڙو نه ٿئي، (٢) ڪو وڏو ماڻهو وٽس اچي ته ان جو آدر ڀاءُ ڪري، (٣) مجلس ۾ جا ڳالهه ڪري، سا ڳٽي ڳوٺي چترائيءَ سان ڪري، (٤) جڏهن جنگ تي سنڀري وڃي، تڏهن پوئتي نه هٽي، (٥) ٻاڻ ڪي جهان جي ڳلا غيبت کان بچائي، (٦) علم سکڻ ۾ دل لائي. ۽ هي ڇهه ڳالهيون ماڻهوءَ ۾ هئڻ نه گهرجن: (١) گهڻو سمهڻ، (٢) ڀڳوان جي ڀڄن ۾ آرس ڪرڻ، (٣) سڀڪنهن ڪم ۾ ڍڄڻ، (٤) ڪاوڙ ڪرڻ، (٥) ٻاڙيوارن کي پاڻ کان گهٽ سمجهڻ، (٦) ڪنهن جي ڳلا ڪرڻ ۽ ان تي ٽوڪ هڻڻ.

تنهن ۾، اي ڀائرو! منهنجي صلاح آهي ته چارکي ڪٽي آڏاسون، پر اهو ڪم گهڻن کان ٿي سگهندو، نه هڪڙي کان، جيئن ته گاهه جي هڪڙي ڪک سان ماڪوڙي به سوکهي ٿي نه سگهي، پر جي اهڙا ڏهه-ويهه ڪک گڏي ٽوڙي وٽي هاٿيءَ کي ٻڌجي، ته اهو به قابو ٿي پوي: ۽ سنڌيءَ واري به چيو آهي ته ”گهڻن ڪنئي ڇپر ڪڇي پوي“ تنهنڪري، پاڻ ۾ ٻڌي ڪري چار ڪٽي آڏاسون ته ڇڳو.“

هيءَ صلاح سڀني ڪبوترن کي وڻي، ۽ چار ڪٽي آڻي آڏاتا. ماريءَ جڏهن ڏٺو ته مارا! منهنجو چار ٿي ڪٽي ڀڄن ٿا، تڏهن ڪاهي ڀٽيان پين. پر نيٺ جڏهين اهي پکي سندس نظر کان لنگهي ويا، تڏهين ويچارو نراس ٿي پويان ڦير ڪري موٽيو.

ايتري ۾ رات اچي پيئي. تڏهين هرڻ پنهنجي مڪان جي واٽ ورتي، ۽ گدڙ به سندس پٺيان ڪاهجي پيو. هرڻ جڏهين پنهنجي مڪان تي اچي پهتو، تڏهين سندس جهوني يار، سنهپنڊ ڪانءُ جو اتي هڪڙي وڻ تي گذاريندو هو، پڇيس "اي يار! خبر ڪر، هيءُ پيو تو سان ڪير آهي؟"

چيائينس، "هيءُ گدڙ آهي، ۽ ڏاڍو نيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، مون سان ياراڻي رکڻ جي خواهش اٿس."

تڏهين ڪانءَ چيس، جنهن سان اڪي جاڻ سڃاڻ نه هجي، تنهن جيءَ ڳالهه تي جهٽ پٽ پروسو نه ڪجي ۽ نڪي تنهن کي پنهنجيءَ جاءِ ۾ ٽڪڻ ڏجي؛ پر تو شايد ڳجهه پکيءَ جي ڳالهه ڪين ٻڌي آهي."

هرڻ پڇيس ته "اها ڳالهه ڪيئن آهي؟"

## ۴- ڳجهه، ٻلي، ۽ ٻيا پکي

ڪانءَ چيو، "مون ٻڌو آهي ته ڀاڳيرتي نديءَ جي ڪنڌيءَ تي هڪڙو وڏو آتاهون جبل آهي، جنهن کي گرد ڪوٽ ڪري سڏيندا آهن. اتي هڪڙو ڏکهو ڪيسوڦلن جو وڻ هو، جنهن تي هڪڙي ٻڍي ۽ هيڻي ڳجهه گهٽن ڏينهن کان رهندي هئي، جنهن جي ڪنهن ۽ ٻت ۾ ايترو به ست نه رهيو هو، جو ڪنهن ٻاسي اڏامي کائڻ پيئڻ واسطي چري سگهي؛ ۽ ڪنهن شئي جي درڪار ٿيندي هيس، ته اڻ وڻ تي ٻيا ٽڪندڙ

ٻچا نه هيٺ نه مٿي. گهٽي ڪولا ٿولا ڪري جڏهن ٿڪا، تڏهن اوچتو وچي نظر پين ڪن هڏين تي، جي هيٺ پٽ تي ۽ ڪجھ وٽ پيئون هيون، ۽ يقين ٿين، ته ڪجھ انهن ڪي ڪاڏو آهي. پوءِ اچي آنڊي جي چر لڳين، سو الري ڪام ڪري اچي ڪجھ ڪي ٿونگي مٿان ٿونگو هڻي، اتي جو اتي ماري اڇهائي رکيائون."

اها ڳالھ پوري ڪري ڪانءُ چيو، "اي هرڻ! ڏارين ڪي پنهنجي گهر جي واٽ ڏيکارڻ مان نتيجو اهو آهي جو ٻڌءِ."

تڏهن گدڙ ڏمرجي چوڻ لڳو، "اڙي ڪانءُ! تنهنجو نالو سو سُٻُدِ آهي، پر ٻُڌِ ته ايتري ٻ، نه اٿيئي جو سمجهين ڪري، ته دوستي ڪو ماڻهُ جي پيٽان ولي ڪونه ٿو اچي. پهريائين جڏهين هرڻ ۽ تنهنجي پاڻ ۾ دوستي ٿي هئي، تڏهين ته نڪو تون هن ڪي سڃاڻندو هئين، ۽ نڪي هو توڪي؛ پوءِ جيئن ڏينهن ويا پوندا، تيئن اوهان جي دوستي ويئي وڌندي. جيڪي چڱا ماڻهو آهن، سي سڀني ڪي پنهنجو دوست ڪري سمجهندا آهن؛ ۽ اهو ڪم ٻچڙن جو آهي، جو ڪنهن ڪي دوست ڪري ڄاڻن، ۽ ڪنهن ڪي دشمن. اسين سڀ هڪڙي خالق جا خلقيل آهيون، تنهن ۾ جهڙو هرڻ سنهنجو دوست آهي، تهڙو تون ٻ آهين.

چوراڪرن جي جوءِ اهو حال ڏسي مڙس کي چيو ته ”اڄ بيناڪرن گهٽڻ ڏينهن کان پوءِ آيو آهي، تنهن سان ته پهريائين گڏجُ، ۽ خبرچار ته هڪبئي کي ڏيو وٺو.“

تڏهين چوراڪرن چيو، ته هن ٻر ۾ هڪڙو ڪُئو آهي، جو جيڪا ڪائڻ پيئڻ جي شئي ڀڄنديءَ تي رکان ٿو، سا ٽِپو ڏيو ڪائي، باقي ڪُرو مُرو ڪيو ڇڏي.“

اها ڳالهه ٻڌي بيناڪرن پڇيو، ته اها ڀڄندي ڪٿي آهي؟“

تڏهين هن کي وٺي وڃي اها ڀڄندي ڏيکاريائين، اها ڀڄندي ڏسندي ئي بيناڪرن چيو ته ”هيءَ ايترو مٿي آهي، جو ٻليءَ جي به جاءِ نه آهي جو هن تي چڙهي، پوءِ ڪُئي جو ڇا وت آهي، جو هن تي ٽِپو ڏيندو هوندو! پر شايد ڪُئي وٽ ٻِر ۾ ڪا ماليات ٿي ڏسجي، جنهن جي زور تي ايترو ڪُڏي ٿو.“

نيٺ ٻنهي جوڳين پنهنجي پنهنجي ڪيسي مان اڇيءَ مٽيءَ جي مُٺ ڀري ڪڍي، ۽ اَن سان ڌرتيءَ تي ليڪا ڪڍي نجوميءَ وانگي ويهي جاچيو، ۽ معلوم ڪيائون ته درست هن ڪُئي جي ٻِر ۾ ڌن لڪل آهي، جنهن جي زور تي هي ٽينگ ٽپا پيو ڏئي، ڇوته انهيءَ زور کان سواءِ جسمي زور ته ڪُئي ۾ ذرو به ڪونهي!“

ائين سمجهي، ڪوڏر هٿ ۾ کڻي، اچي منهنجي ٻِر کي کوٽڻ بيٺا، ۽ جيڪو ڌن لڪل هو، سو ڪڍي

تان لاهي پٽ تي رکي هري هري ڪري سوئر ڏانهن وڌيو. جڏهن ويجهو پيس، تڏهن ڪشي هڪڙو تير هن کي به هڻي ڪڍيائين. سوئر به گهور ڪري موٽ ڪائي، آن حاڪم کي يڪدم جهلي ماري وڌو، ۽ پاڻ بہ آتي جو آتي مري ويو.

توريءَ ويرم ڪان پوءِ هڪڙو لوڌي گدڙ آتي آيو، ۽ هيترو مارو شڪار ڏسي سرهو ٿي دل ۾ چوڻ لڳو ته اچوڪي ڏينهن جيترو شڪار اڳي ڪڏهن بہ ڪونہ هٿ لڳم، هاڻي گهٽائي ڏينهن پيو ڪائيندس ۽ ڪباب لاءِ به چڱو چڱو گوشت چونڊي سڪائي رکندس. اهو ويچار ڪري پهريائين ڪمان جي زه کي چباڙڻ لڳو. ڪمان ته هڻي چڙهيل، جهڙو اچا زه ۾ چڪ هنيائين، تهڙو ڪمان جو گوشو زور سان اٿلي، سندس ڇاتيءَ ۾ وڃي لڳو ۽ پاڻ اتي ئي ڪري ساهہ ڏنائين.

هاڻي ڏس، ته جيڪڏهن گدڙ ايتري ڪنجوسي نہ ڪري ها، ۽ گوشت کي اڳتي لاءِ آڌو ڪري زه ۾ وات نہ وجهي ها، ته جيڪر ڇو ائين مري ها؟ تنهنڪري ڏن ميڙڻ واري کي گهرجي، ته ٿورو بچائي، پيو سڀ ڪائي ۽ خيرات ڪري. پر هاڻي گذريل ڳالهہ تي ارمان ڪائڻ اجايو آهي، جيڪڏهن وڃايل ڏن کي ڪڙهندين، ته شايد ان ڏک ۾ مري ويندين، ۽ خلق بہ پاڻ تان کلائيندين، تنهنڪري ارمان ڪونہ ڪاءِ. جي سرسلامت آهي ته ڏن جهجهو ئي پوندو.

# باب ٻيو

## [دوستن جي وچ ۾ وڇوڙي پوڻ بابت]

## (٧) ٻه ڏڳا، ٻه گدڙ ۽ هڪڙو شينهن

پنڊت چيو ته "چندرپور شهر ۾ ڍاڪيريو نالي هڪڙو شاهوڪار رهندو هو. اهو جڏهن ڪڏهن پاڻ کان ڪو وڏيڪ دنيادار ڏسندو هو، تڏهن پاڻ کي ڪمتر سمجهي، دل ۾ هيءُ ويچار ڪندو هو ته ڪنهن پاسي نڪري وڃي واپار ڪريان، ڇو ته سيائڻ چيو آهي، ته گهر ويٺي ڌن نٿو ملي." ۽ هيءَ دنيا ۾ هاڻي اهڙي انڌي ٿي پيئي آهي، جو نڪي ڏسي ذات نڪي ڏسي ڪذات: "انَ ڀلي، ذات ڀلي"، جنهن وٽ چار ڏوڪڙ آهن، تنهن کي سڀڪو پيو آدرڀاءُ ڪري، تنهنڪري ڪي چار پئسا هٿ ڪريان ته چڱو."

اهو خيال ڪري، هو شاهوڪار بازار مان ٻه ڏڳا گهني آيو، تن منجهان هڪڙي جو نالو رکيائين سنجوڪ ۽ ٻئي جو نندوڪ. انهن بندوبست ڪري هرقسم جا جواهر، ۽ طرحين طرحين جا زري زربفت خرزينن ۾ ڀري انهن ٻنهي ڏڳن تي لڏي ڪشمير ڏي اُٿي هليو."

اجا اٽڪل ويهه ايڪيهه منزلون مس ڪيائين، ته هڪڙي هنڌ سنجوڪ ڏڳي جي ٽنگ ٽاڪڙ جي ضربجي

هٽ وڃهنداسون، ته اسان سان به حال اهڙو ٿيندو، جهڙو هن پولڙي سان ٿيو هو."

دوتڪ پڇيو ته 'اها ڳالهه ڪيئن آهي؟'"

## ٨- پولڙو ۽ ڪارائي

ڪرتڪ چيو، "مون ٻڌو آهي، ته مدن ترم نالي هڪڙو جهنگ آهي، تنهن ۾ هڪڙي وادي ٻيٺي ڪا آڻي ڪاٺي چيري؛ ۽ چيريندي جڏهن ڪارائي ٿي اٽڪي، تڏهن اڳيان چپر ڪڍي پٺيان ڏيئي، وري ٿي چيرڻ لڳو.

اهو حال هڪڙي پولڙي آتي وڻ تان ويٺي ڏٺو؛ اوچتو وادي کي اچي آڃ ڪئيو، سو جيتري ۾ تلاءَ تان پاڻي پيئڻ ويو، تيتري ۾ پولڙو وڻ تان لهي اچي ان ڪاٺيءَ تي ويٺو، ۽ جهڙيءَ ريت وادي کي چپر ڪڍندي ۽ وجهندي ڏٺي هئائين، تهڙيءَ ريت پاڻ به ڪرڻ لڳو. هن جي ائين ڪندي چپر آڙي ويئي، ۽ پاڻ ڪاٺ جي ٻن ڦاڪين ۾ ڦاسي چيچجي مئو.

تنهن ۾، اي يارا ٻئي جي ڪم ۾ هٿ وجهڻ سان اڻلندو چيهو پاڻجي ٿو. تنهن ڪان سواءِ اڄ شينهن وٽ امير اُمراءَ اچي گڏ ٿيا آهن، سي پاڻ کي آيو ڏسي سرها ڪين ٿيندا، اڻلندو پاڻ کي اتان لوڏائڻ لاءِ تجويزون ڪندا."

خوش ٿي ٿي پوندا آهن! تنهنڪري رڳو ٻڳو ٻنهنجي ڳالهه مٿي رکي ھھڙي وقت ھن کي ھيڪلو ڇڏي ڏيڻ مناسب نه آهي. نيڪي ڪرڻ اهڙو ڏکيو ڪم آهي، جھڙو ڳؤرو پھڻ زمين تان کڻي مٿي ڪرڻ؛ ۽ ٻرائي ڪرڻ اهڙو سَٽرو ڪم آهي، جھڙو پھڻ کي مٿان وٺي ھيٺ اڇلائڻ. جيتوڻي ھو شينھن اسان مان ڪڪ آهي، ته ٻه ھن وقت ھو لاچار آهي. جي ڀاڻ وٽس نه ھلنداسون، ته ھن جي ڪو ڳلا ڪونه ڪندو، اٽلندو اسان کي ماڻھو ڳڻ-چور چوندا. مفت ٿورڙيءَ ڳالھه لاءِ بدناميءَ جو ٽڪر کڻڻ چڱو نه آهي تنهنڪري جيڪڏھن تنهنجي صلاح هجي، ته مان ٿي ھڪڙو ڪري وٽس وڃان؟"

تڏھن ڪرتڪ چيو، "چڱو ڀلا، آءٌ اھا ڳالھه مڃان ٿو. پر مون کي ٻڌاءِ ته بادشاھ وٽ پرينديئي ڇا وڃي چوندين؟"

دوتڪ چيو، "توکي سڌ ھوندي، ته ھو ڪنھن ڪان ڊنل ته آهي، جنھنڪري غمگين ٿو رھي. پوءِ جيڪا ڳالھه ھوندي، سا ھن کان پڇي، سندس دل تان ڊپ لاھي ڇڏيندس."

ڪرتڪ پڇيو "تون ڪيئن ٿو چئي سگھين، ته ھن جي دل تي ڊپ برابر ويٺل آھي؟"

دوتڪ ورندي ڏني، ته "ڊنل اٿڊنل منھن مان ئي پڌرو ٿيندو آهي. آهو عاقل ئي نه آھي، جو ڀڃي ڳاڇي پوءِ سھي ڪري."

وري آني ٻيهي ادب سان چوڻ لڳو ته "سائين، اوهين ڇو هاڻي ويسلا ويٺا آهيو، آني لڙائيءَ لاءِ سانباهو ڪريو. ڪالڪتي کي فوج سوڊوڙ لڙائي لاءِ آيو سمجهو."

هيءَ ڳالهه ٻڌي قازءِ سندس وزير ڇيهي ٻنهي ڪلي ڏنو، ۽ ٻگهه کي رمز سان چوڻ لڳا ته ايتري وڏي ۽ ڊگهي سفر.تان واه جا سوڪڙي آندي اٿيئي."

ٻگهه چيو ته "جهان پناهه، اوهين مچيو نثا، پر جيڪي ڳالهيون خيرخواهيءَ جون هيون، سي سڀ خذمت ۾ عرض ڪيم، اڳتي ته مالڪ آهيو."

تڏهين بادشاهه ٻگهه کي چيو ته "جيڪي تنهن جا يائر هجن، تن سڀني کي گڏ ڪري اسان وٽ وٺي آءُ، ته انهن کي نوڪر رکون."

هي ڳالهه ٻڌي ٻگهه ڏاڍو خوش ٿيو، ۽ قاز کان موڪل وٺي، گهر اچي پنهنجن سڀني يائرن ۽ لڳه وارن کي گڏ ڪرڻ لڳو. تڏهين ڇيهي بادشاهه وٽ وڃي عرض ڪيو ته "ڌڻي! ههڙي ڪوئي شخص کي سرڪار جي نوڪري ۾ وٺڻ واجب نه آهي."

قاز ڇيهي کي جواب ڪونه ڏنو، پر چيائين ته "اهڙي ڳالهه، جا اسان اڳي پنهنجن وڏن کان ٻ ڪڏهين ڪين ٻڌي هئي، سا اڄ هن جي واتان ٻڌي اٿون شايد اها ڳالهه سچي هوندي. هاڻي تون ويچار ڪري

اچڻ جو ڏپ هجي تنهن کي ترت وڃي بند ڪري، ۽ جتي جهنگ جهر هجي، تتي پنهنجو لشڪر هڪيو رکي؛ ۽ جڏهن دشمن جو اچايل ۽ بکايل ڪٽڪ ٿڪجي ماندو ٿي اچي ڪاٽي پوي، تڏهن گهرجيس، ته اُن تي اُتي ئي چڙهي ڪري، يا جنهن وقت ويريءَ جي فوج جهنگ يا جبل جي گهاٽ مان لنگهندي، يا نديءَ تي لهندي ڏسي، تنهن وقت مٿن ڪاهه ڪري يا جي رات جو جاڳيا هجن ۽ صبوح جو ننڊاڪرا ٿي هٿيار پوهار ڇوڙي ٻي اونا ٿي سمهي پون، ته ان حالت ۾ اتي ڪهڻين. اهڙن ڪمن لاءِ سياڻا اهڙيون مهلون ڳوليندا آهن."

جڏهن قاز هيءَ تجويز ٻڌي تڏهن ڪهنگ ڪوٽوال کي سڏائي، چيهي جي صلاح پٽاندر حڪم ڪيائين. تنهن تي ڪوٽوال پنهنجو لشڪر ولي نڪتو؛ ۽ نڪرندي شرط ڪانڪٽي سان مقابلو ٿي ويس. ٻنهي جي وچ ۾ اهڙي لڙائي اچي لڳي، جو دشمن جا انيڪ سپاهي مارجي ويا.

تڏهن ڪانڪٽو نراس ٿي پنهنجي وزير ڪرگس کي چوڻ لڳو ته "اي چڱا مڙس! منهنجو سمورو لشڪر مارجي ويو، ۽ توکي ذري جي ڳڻتي ڪانه ٿي. رکي صلاح به ڪانه ڏنئي، ته قاز جو ملڪ ڪيئن وٺجي. ۾ هاڻي انهي ڳالهه کي ڇڏ ڪر. مون کي رکيو هي آڌڪو آهي، ته جيڪا فوج سنڌيم باقي بچي آهي، سا شل خير مان هلي وطن سهڙي."

پنڌ ڪري هلندس، چو ته هري هري ڪوهه اڌ پنڌ ڪرڻ جيتري سگهه منهنجي لڳن ۾ آهي.“ ٻگهه چيس ته ”اي يارا! آءٌ ڀانيان ٿو ته توکي پنڌ هلڻ کان گهٽي هلاڪي ٿيندي. جا تنهنجي هلاڪي سا منهنجي هلاڪي، تنهن ۾ بهتر آهي ته تون منهنجي پٺيءَ تي چڙهي ويهه، ته توکي به هن اوچتي بلا کان ڪڍي هلان.“

نيٺ گهٽيءَ رد بدل کان پوءِ هو قبولدار ٿيو. تڏهن ٻگهه، پٺيءَ تي چاڙهي نيئي آني لاٿس، جتي ٻيون مڇيون ڪاڏيون هٿائين. ڪيڪڙ جو ڏٺو، ته مارا هتي ته رکو سڄي ڀيٽي واڪا ڪري، پاڻيءَ جو ته نڪو نالو نڪو نشان، رکو مڇين جا ڪنڊا لٿا پيا آهن. سو ڏٺي ٻگهه کي چوڻ لڳو ته ”تو سڀ مڇيون آڻي من هتي ڪاڏيون آهن، هاڻي مون کي به ڪائيندي چا؟“

اها ڳالهه ڪري اچانڪ ماري ٻگهه کي نرگهٽ کان جهليائين. هن پنهنجي ڇڏائڻ لاءِ گهڻيئي متا هنيا، پر ڇڏائي نه سگهيو، ۽ آني ٿي ڦٽڪي ساهه ڏنائين.

تڏهن ڪرڪس عرض ڪيو ته ”آءٌ ڪڏهين به اها صلاح نه ڏيندس، ته اوهين هيءُ ملڪ ڪانءُ کي ڏيو.“

هن چيو ”جيڪڏهن هيءُ ملڪ ڪانءُ جي حوالي ڪنداسين، ته هو احسانمند رهندو ۽ اسين انهيءَ ڪري وقت بوقت پيا فائدا وٺنداسين.

نانگ هيءَ ڳالهه مڃي، ۽ سيني ڏيڏرن کي کٽي آڻي هليو. جڏهن اُن ڍنڍ کي ڇڏي پريرو ٿيو ۽ ڏٺائين ته هي هاڻي پڇي ٻه ٽلاءَ ۾ ڀڄي ڪين سگهندا، تڏهن ڀاني ڪڀاني ڏيڏرن کي ڪيرائي وڌائين.

ڏيڏرن جي بادشاهه پڇيس، ته تو هي ڪيو ڇا؟ هن چيو ته "مون کي بک لڳي آهي."

تڏهن بادشاهه چيس ته "منهنجي هن فوج مان ٻه-چار ڏيڏر کٽي کاءُ."

نانگ چيو ته "اي بادشاهه! لشڪر گهٽ ٿيڻ کان توکي مٺيان لڳندي."

هن جواب ڏنو ته "تنهنجي کائڻ کان منهنجو لشڪر گهٽ ٿي ڪين پوندو."

تنهن تي نانگ هرروز ٻه-ٽي ڏيڏر کائڻ لڳو. نيٺ ٿورن ڏينهن ۾ سڀ کائي ڇٽ ڪيائين، باقي هڪڙو بادشاهه وڃي رهيو، تنهن کان پڇيائين "سائين! اڄ آءٌ ڇا کاان؟ مون کي بک لڳي آهي."

ڏيڏر چيو ته "اي نانگ! ڪنهن ڍنڍ يا ٽلاءَ تي هلي پنهنجو پيٽ ڀري وٺ."

تڏهن هن چيو ته "تنهنجي ساري لشڪر منهنجي پيٽ ۾ ڇانوٽي وڌي آهي، باقي اتي بادشاهه جي گهرج آهي. اها ڳالهه جڳائيندي نه آهي، جو بادشاهه لشڪر کان پري رهي؛ تنهن ۾ جيڪڏهن اوهين ٻه هلي اُن ڇانوٽيءَ ۾ داخل ٿيو ته چڱو آهي."

